05 FEBRUARY

# 4
# بُرائين جي
# نشاندهي

(For Islamic Brothers)

هفته وار د سُنّتو ډکه اجتماع کښې کېدونکے

د سُنّتو ډک بیان

5فيبروري، 2026ع (بمطابق:16 شعبان شريف 1447ھ)

تي پاڪستان ۾ دعوتِ اسلامي جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# 4 بُرائين جي نشاندهي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- 4 پڪين ۾ 4 بُرائيون
- بدترين شخص
- هر هڪ جي مٿي ۾ لَغام
- شُحِّ ڪان بچو جوان پهرين وارن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيَة

Islamic Research Center

(شعبہ: بیاناتِ دعوتِ اسلامی)

FOR FEEDBACK
(+92) 315 2692 786

GET MORE SPEECHES
(+92) 310 8882 033

اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعٰلَمِيۡنَ ؕ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى خَاتَمِ النَّبِيّٖن ؕ

اَمَّا بَعۡدُ فَاَعُوۡذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيۡطٰنِ الرَّجِيۡم ؕ بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا رَسُوۡلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا حَبِيۡبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيۡكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصۡحٰبِكَ يَا نُوۡرَ الله

نَوَيۡتُ سُنَّتَ الۡاِعۡتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

## درودِ پاڪ جي فضيلت

هڪ بزرگ جهنگ ۾ سفر ڪري رهيا هئا تہ رات ٿي وئي. هر طرف خوفناڪ جانور گهمي رهيا هئا، ڪين خوف محسوس ٿيو تہ اوچتو ڪين هيءَ حديثِ پاڪ ياد آئي جيڪو هڪ ڀيرو درود شريف پڙهندو آهي، اللّٰه پاڪ ان تي 10 رحمتون نازل فرمائيندو آهي، انهن بزرگن درود شريف پڙهيو ۽ هڪ هنڌ سمهي پيا، سڄي رات سڪون سان گذري ۽ ڪو بہ جانور ڪين ويجهو ئي نہ آيو پوءِ (ان حديث بابت) انهن فرمايو: مون درود شريف ان ڪري پڙهيو هو تہ جيئن اللّٰه پاڪ جون 10 رحمتون مون کي گهيري وٺن، ۽ جڏهن اللّٰه پاڪ جون رحمتون مون کي گهيري وٺنديون تہ پوءِ ڪنهن جانور جي ڪهڙي مجال جو هو منهنجي طرف اک کڻي بہ ڏسي. (1)

پيارا اسلامي ڀائرو! هي سڀ ايمان جي مضبوطي تي ٻڌل هوندو آهي. توهان ان بزرگ رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه جي ايمان جي مضبوطي ملاحظ فرمائي، جڏهن تہ اسان جي حالت هيءَ آهي جو اسان اَلۡحَمۡدُ لِلّٰه! مؤمن تہ آهيون پر اسان جو ڌيان ظاهري سببن ڏانهن وڌيڪ هوندو آهي. اللّٰه پاڪ اسان جو ايمان بہ مضبوط فرمائي.

پيارا اسلامي ڀائرو! ماهِ شعبان يعني درود و سلام جو مهينو جاري آهي. سرڪارِ غوثِ اعظم، شيخ عبدالقادر جيلاني رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا:

---

1… سعادة الدارين،اللطيفة الثامنة والتسعون،صفحہ:152ملخصاً۔

هُوَشَهۡرُالصَّلَاۃِعَلَی النَّبِیِّ يعني شعبان، نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي درود شريف پڙهڻ جو مهينو آهي. (1)

سيئي اسلامي ڀائر هن مهيني کي پوري جذبي سان ملهايو، ۞پنهنجي گهر وارن کي گڏ ڪري، ۞آفيسن، فيڪٽرين ۽ دڪانن تي پنهنجي ملازمن سان گڏ، ۞مسجدن ۾ نمازين ۽ پاڙي وارن کي گڏ ڪري درود و سلام جون محفلون سجايو. خوب خوب پياري آقا صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي درود و سلام پيش ڪيو. الله پاڪ اسان کي وڌ کان وڌ نبي ڪريم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم تي درودِ پاڪ پڙهڻ جي توفيق عطا فرمائي. اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## بيان ٻڌڻ جون نيتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اِنَّمَا الۡاَعۡمَالُ بِالنِّیَّات (عملن جو دارومدار نيتن تي آهي). (2)

اي عاشقانِ رسول! سٺين سٺين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان ڪجهه سٺيون سٺيون نيتون ڪري وٺون، نيت ڪريو! ۞ الله پاڪ جي رضا جي لاءِ بيان ٻڌندس ۞ بَاادب ويهندس ۞ خوب تَوَجُّه سان بيان ٻڌندس ۞ جيڪو ٻڌندس، ان کي ياد رکڻ، پاڻ عمل ڪرڻ ۽ ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوۡا عَلَی الۡحَبِیۡب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

## 4 پکي ۽ خُدا جي قدرت

هڪ روايت آهي: حضرت ابراهيم خليلُ الله عَلَیۡہِ السَّلَام سمنڊ ڪناري هڪ لاش ڏٺو. صورتحال اها هئي ته جڏهن پاڻي ايندو هو ته ان وقت مڇيون اچي وينديون هيون ۽ ان لاش کي کائينديون هيون، جڏهن پاڻي لهي ويندو هو ته

1 ... غنية طالبين، مجلس فی فضل شہر شعبان، جلد:1، صفحہ:342۔
2 ... بخاری، کِتَاب بَدءُ الْوَحی، صفحہ:65، حدیث:1۔

جانور ان لاش کي کائيندا هئا ۽ جڏهن جانور کائي هليا ويندا هئا تہ پوءِ پکي اچي ان کي نونگا هڻي کائيندا هئا. هي منظر ڏسي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام بارگاهِ الٰهي ۾ عرض ڪيو: اي الله! بيشڪ تون قادر آهين ۽ مون کي يقين آهي تہ تون مرڻ کان پوءِ ٻيهر جيئرو ڪندين، پر منهنجي دل جي خواهش آهي تہ ڪاش مان اهو منظر پنهنجي اکين سان ڏسي سگهان تہ تون قيامت جي ڏينهن ان انسان کي ڪيئن گڏ ڪندين، جنهن جي جسم جا حصا ۞ مڇين جي پيٽ ۾ ۞ڪجھ جانورن جي پيٽ ۾ ۞۽ ڪجھ پکين جي پيٽ ۾ هليا ويا آهن. الله پاڪ حڪم ڏنو: اي ابراهيم! تون 4 پکي پال ۽ انهن کي پاڻ سان مانوس ڪر، جڏهن اهي چڱي طرح مانوس ٿي وڃن تہ انهن کي ذبح ڪري ڇڏ، ذبح ڪرڻ کان پوءِ انهن جون منڍيون پاڻ وٽ رک ۽ گوشت جو قيمو ڪري ان کي ويجهو مختلف جبلن تي ٿورو ٿورو رکي اچ، پوءِ انهن کي سڏ ڪر، پوءِ اسان توکي پنهنجي قدرت جو ڪرشمو ڏيکاريندا سين.

حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام خدا جي حڪم سان 4 پکي (1): مور (2): ڪڪڙ (3): ڪبوتر ۽ (4): ڳجھ پاليا. جڏهن اهي چڱي طرح مانوس ٿي ويا تہ پاڻ انهن چئني کي ذبح ڪري، انهن جون منڍيون پاڻ وٽ رکيون ۽ گوشت جو قيمو ڪري مختلف جبلن تي رکي ڇڏيائون. ان کان پوءِ پاڻ کين سڏڻ شروع ڪيو: يَاۤاَيُّهَا الدِّيْكُ يعني اي ڪڪڙ!) يَاۤاَيَّتُهَا الْحَمَامَةُ يعني اي ڪبوتر!) يَاۤاَيُّهَا النَّسْرُ يعني اي ڳجھ!) يَاۤاَيُّهَا الطَّاؤُسُ يعني اي مُور! سندن سڏيندي ئي انهن چئن پکين جو قيمو گڏ ٿيڻ لڳو، هڏيون هڪبئي سان جڙڻ لڳيون ۽ ڏسندي ئي ڏسندي چارئي پکي تيار ٿي ويا، پوءِ اهي اڏامندا اچي پنهنجين پنهنجين منڍين (مٿن) سان جڙي ويا ۽ داڻو چُڳندي پنهنجي پنهنجي ٻولي ۾ ڳالهائڻ لڳا. حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جڏهن هي روح پَرور منظر ڏٺو تہ سندن دل کي قرار حاصل ٿي ويو.

هن پوري مَضمون کي الله پاڪ سيپارو 3، سورت البقره، آيت نمبر 260 ۾ هن طرح بيان فرمايو آهي:

| | |
|---|---|
| وَ اِذۡ قَالَ اِبۡرٰهٖمُ رَبِّ اَرِنِیۡ كَیۡفَ تُحۡیِ الۡمَوۡتٰى ؕ قَالَ اَوَلَمۡ تُؤۡمِنۡ ؕ قَالَ بَلٰى وَلٰكِنۡ لِّیَطۡمَئِنَّ قَلۡبِیۡ ؕ قَالَ فَخُذۡ اَرۡبَعَةً مِّنَ الطَّیۡرِ فَصُرۡهُنَّ اِلَیۡكَ ثُمَّ اجۡعَلۡ عَلٰى كُلِّ جَبَلٍ مِّنۡهُنَّ جُزۡءًا ثُمَّ ادۡعُهُنَّ یَاۡتِیۡنَكَ سَعۡیًا ؕ وَ اعۡلَمۡ اَنَّ اللّٰهَ عَزِیۡزٌ حَكِیۡمٌ ﴿۲۶۰﴾ (سيپارو: 3، سورة البقره: 260) | ترجمو ڪنزُ العرفان: ۽ جڏهن ابراهيم عرض ڪيو: اي منهنجا ربّ! تون مون کي ڏيکار تہ تون مئلن کي ڪيئن جياريندين؟ الله فرمايو: ڇا توکي يقين ناهي؟ ابراهيم عرض ڪيو: يقين ڇو نہ آهي پر اهو (چاهيان ٿو) تہ منهنجي دل کي قرار اچي وڃي، الله فرمايو: پوءِ پکين مان ڪي چار پکي پڪڙ پوءِ انهن کي پاڻ سان مانوس ڪر پوءِ انهن سڀني جو هڪ هڪ ٽڪڙو هر جبل تي رکي ڇڏ پوءِ انهن کي سڏ ڪر تہ اهي تو وٽ ڊوڙندي هليا ايندا ۽ ڄاڻي وٺ تہ الله غالب حڪمت وارو آهي. |

پيارا اسلامي ڀائرو! ڏٺو توهان! الله پاڪ حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام کي ڪيئن پنهنجي قدرت جو عظيم نظارو ڏيکاريو! بيشڪ الله پاڪ جي قدرت ڪامل آهي، هو جيڪو چاهي ڪري سگهي ٿو ۽ هو هر شيءِ تي قادر آهي.

سب کا پیدا کرنے والا، میرا مولیٰ! میرا مولیٰ!
سب سے اَفضل سب سے اَعلیٰ میرا مولیٰ! میرا مولیٰ!
جَگ کا خالِق، سب کا مالِک، وہ ہی باقِی، باقِی ھَالِک (فنا ہونے والے)
سچّا مالِک، سچّا آقا، میرا مولیٰ! میرا مولیٰ!
عِزّت والا، حکمت والا، نعمت والا، بَرَکت والا
میرا پیارا، میرا آقا، میرا مولیٰ! میرا مولیٰ!(1)

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

1⋯ ڪتاب العقائد، صفحہ: 13 ۔

# 4 پکين ۾ 4 برائيون

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام جن 4 پکين کي چونديو ۽ پوءِ انهن کي ذبح فرمايو، چوندبہ حڪمت کان خالي نہ هئي، بلڪ سکڻ جي لاءِ ان ۾ سبقَ آهن، علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: هي 4 پکي (1): مور (2): ڪُڪڙ (3): ڪبوتر (4): ۽ ڳِجھ جيڪي حضرت ابراهيم عَلَيْهِ السَّلَام ذبح فرمايا، تہ انهن چئن پکين ۾ 4 برائيون پاتيون وينديون آهن، هن واقعي ۾ اشارو آهي تہ جيستائين ماڻهو پاڻ مان اهي چار برائيون ختم نتو ڪري، تيستائين ڪيس دل تان پردا نٿا هٽي سگهن، نہ ئي اهو ايمان جي اعليٰ منزل تائين پهچي سگهي ٿو. [1]

اهي 4 برائيون ڪهڙيون آهن؟ ٻڌو! ❁پهريون پکي آهي: مور. هي ڏاڍو سهڻو پکي آهي، ان جا پرَ نهايت ئي خوبصورت هوندا آهن ۽ شايد پکين مان سيني کان سهڻو بہ اهو ئي آهي پر ان ۾ هڪ خراب عادت آهي تہ ان کي پنهنجي حُسن تي تمام گهڻو ناز هوندو آهي❁**ڳِجَھ**. هي هڪ تمام بدنام پکي آهي، هي مردار کائيندو آهي، ان ۾ بُري **خصلت** هي آهي تہ ان ۾ **حرص ۽ لالچ** تمام گهڻي ڀريل هوندي آهي❁**ڪُڪڙ** ۾ بُري خصلت هي آهي تہ ان ۾ **شهوت (يعني نفساني خواهش)** وڌيڪ هوندي آهي❁**ڪبوتر** ۾ **بُري صفت هيءُ آهي تہ** هن کي پنهنجي مٿانهين اڏامَ تي **غرور** هوندو آهي.

عالمَ سڳورا لکن ٿا: تہ جيڪڏهن ڪو ماڻهو پاڻ مان اهي چار ئي بُريون صفتون ذبح ڪري ڇڏي يعني❁پنهنجي اندران تڪبر بلڪل ختم ڪري ڇڏي❁نفساني خواهشن تي ڪنٽرول حاصل ڪري❁دنياوي لالچ کي دل مان ڪڍي ڇڏي❁جيڪڏهن عهدي ۽ منصب جي خواهش دل ۾ هجي تہ ان کي ختم ڪري ڇڏي تہ اِنْ شَآءَ اللهُ الْكَرِيْم! ان کي بُلند درجات نصيب ٿيندا ۽ دل معرفت جي نور سان پُرجي ويندي. [2]

---

1... تفسيرِ قشيرى، پاره:3، سورۂ بقره، زيرِ آيت:260، جز:1، جلد:1، صفحہ:166 بتغيرقليل ـ

2... تفسير جمل،پاره:3،سورۂ بقرة،زيرِ آيت: 260،جلد: 1، صفحہ:327-329مفہوماً۔

افسوس جو اڄ اهي برائيون عام ٿي چڪيون آهن. تڪبر، غرور ۽ لالچ عام آهن. جهڙوڪ ❁توکي خبر آهي مان ڪير آهيان؟ چئي ٻين کي حقير سمجهيو ويندو آهي ❁چار پيسا کيسي ۾ اچي وڃن تہ غريب بُرا لڳڻ شروع ٿي ويندا آهن ❁ڪنهن گهٽ رتبي واري کي گڏ وينو ڏسندي بُرو لڳندو آهي ❁اهڙي طرح لالچ جو هي عالَم آهي جو ڪجھ پيسن خاطر ماڻهو ماپ تور ۾ گهٽتائي ڪندا آهن، خريد و فروخت ۾ ٺڳيون ڪندا آهن، چوريون ڌاڙا عام آهن، حرص جي لالچ ۾ وياجي ڏي وٺ بہ ٿيندي آهي، دوڪا بہ ڏنا ويندا آهن، لالچ جي ڪري نمازون بہ قضا ڪيون وينديون آهن ❁حبِ جاهہ يعني شهرت ۽ منصب جي لالچ ۾ ماڻهو چند ويوز (Views) ۽ سنين سيلفين (selfies) لاءِ پنهنجي جان بہ خطري ۾ وجهي ڇڏيندا آهن، ٻا ٻار، ٻا پوڙها ٻلڪ هاڻي تہ گهرن جون عورتون بہ ريلز (***Reels***) وغيره ٺاهڻ ۾ لڳي ويون آهن، اللّٰه پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. معاشري جي جيڪي حالت ٿيندي پئي وڃي، بس هيءَ ئي دعا ڪري سگهون ٿا:

اے خاصۂ خاصانِ رُسُل وقتِ دُعا ہے
اُمّت پہ تری آ کے عجب وقت پڑا ہے
فریاد ہے اے کشتیِ امت کے نگہباں
بیڑا یہ تباہی کے قریب آن لگا ہے

## (1): تڪبر اللّٰه پاڪ کي پسند ناهي

پيارا اسلامي ڀائرو! اهي چار بُرائيون ختم ڪري اسان اللّٰه پاڪ جو قرب ماڻي سگهون ٿا، آخرت ۾ ڪامياب ٿي سگهون ٿا، انهن مان پهرين برائي آهي: تڪبر.

اللّٰه پاڪ فرمائي ٿو:

اِنَّهٗ لَا یُحِبُّ الْمُسْتَكْبِرِیْنَ ﴿۲۳﴾ (سيپارو: 14، النحل: 23)

ترجمو ڪنزُ العرفان: بيشڪ اهو وڏائي ڪندڙن کي پسند نٿو ڪري.

## الله پاڪ پسند ناهي فرمائيندو

نبين جي نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: الله پاڪ تڪبر ڪرڻ وارن ۽ آڪڙجي هلڻ وارن کي پسند ناهي فرمائيندو. (1)

## بدترين شخص

حضرت حذيفه رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن اسان محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن سان گڏ هڪ جنازي ۾ شريڪ هئاسين، پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ڇا مان توهان کي الله پاڪ جي بدترين ٻانهي بابت نہ ٻڌايان؟ فرمايائون: اهو بداخلاق ۽ تڪبر ڪندڙ آهي. پوءِ فرمايائون: ڇا مان توهان کي الله پاڪ جي بهترين ٻانهي بابت نہ ٻڌايان؟ فرمايائون: اهو ڪمزور سمجهيو ويندڙ، پراڻن ڪپڙن وارو شخص آهي، جيڪڏهن هو ڪنهن ڳالهہ تي قسم کڻي وٺي تہ الله پاڪ ان جو قَسم پورو فرمائي ڇڏيندو آهي. (2)

## جنت ۾ داخل نہ ٿي سگهندو

حديثِ پاڪ ۾ ارشاد ٿيو: جنهن جي دل ۾ سرنهن جي داڻي برابر (يعني ٿورو بہ) تڪبر هوندو، اهو جنت ۾ داخل نہ ٿيندو. (3)

## لشڪر جي سالار کي نصيحت

حضرت مُطرف بن عبدالله رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه هڪ لشڪر جي سپهہ سالار مُهلب کي آڪڙجي هلندي ڏٺو تہ فرمايائون: اي الله جا ٻانها! الله ۽ ان جي رسول کي اها چال پسند ناهي. ان جواب ۾ چيو: ڇا تون مون کي نٿو سڃاڻين تہ مان ڪير آهيان؟ فرمايائون: ڇو نہ، مان توکي خوب سڃاڻان ٿو، تنهنجو آغاز هڪ ناپاڪ قطري سان ٿيو، انجام ۾ تون بدبودار مردار ٿي ويندين ۽ انهن ٻنهي حالتن جي وچ ۾ تون پيٽ ۾ ناپاڪي کنيو گهمين ٿو. اهو ٻڌي مُهَلَّب شرمندو ٿي هليو ويو. (4)

---

1... كنزالعمال، كتاب الاخلاق،حرف الكاف الكبر والخيلاء،جز:3،صفحه:210،حديث:7727ملخصاً۔

2... مسند احمد،مسند الانصار،جلد:9،صفحه:540،حديث:24101ملتقطاً۔

3... مسلم،كتاب الايمان،باب تحريم الكبروبيانه،صفحه:54،حديث:147۔

4... احياء علوم الدين،كتاب ذم الكبر والعجب،بيان ذم الاختيال...الخ،جلد:3،صفحه:416۔

## هر هڪ جي مٿي ۾ لغام

هڪ حديث شريف ۾ آهي: هر انسان جي مٿي ۾ هڪ لغام هوندو آهي جيڪو هڪ ملائڪ جي هٿ ۾ هوندو آهي، جڏهن ٻانهو انڪساري اختيار ڪندو آهي تہ ان لغام ذريعي کيس بلندي عطا ڪئي ويندي آهي ۽ ملائڪ چوندو آهي: بلند ٿي وڃ! الله پاڪ توکي بلند فرمائي. جيڪڏهن هو پاڻ کي (تڪبر سان) پاڻ ئي بلند ڪندو آهي تہ اهو ملائڪ کيس زمين ڏانهن جهڪائي چوندو آهي: هيٺ ٿي وڃ! الله توکي هيٺ ڪري. [1]

پيارا اسلامي ڀائرو! معلوم ٿيو: تہ تڪبر انسان کي برباد ڪندڙ بيماري آهي. تنهنڪري اسان کي گهرجي تہ هن بري بيماري کان پاڻ کي بچائي رکون.

## تڪبر کان بچڻ لاءِ

۞ تڪبر جا نقصانات پيشِ نظر رکو! ۞ عاجزي اختيار ڪريو! ۞ سلام ۾ اڳرائي ڪريو! حديثِ پاڪ ۾ آهي: سلام ۾ اڳرائي ڪندڙ تڪبر کان پَري آهي. [2] ۞ پنهنجو سامان پاڻ کڻو! حديثِ پاڪ ۾ آهي: جنهن پنهنجو سامان پاڻ کنيو، اهو تڪبر کان آزاد ٿي ويو. [3] ۞ جڏهن بہ دل ۾ تڪبر محسوس ٿئي تہ اَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْم پڙهڻ کان پوءِ کاٻي ڪلهي طرف 3 ڀيرا ٿُو ٿُو ڪريو! [4] اِنْ شَاءَ اللهُ الْكَرِيْم! تڪبر کان حفاظت رهندي.

## (2): عهدي ۽ منصب جي خواهش

پيارا اسلامي ڀائرو! انهن 4 برائين مان ٻئي برائي آهي: عهدي ۽ منصب جي خواهش. اڄڪلهہ تمام گهڻا ماڻهو پنهنجي وڏي منصب ۽ عهدي پٺيان ڊوڙندي نظر ايندا آهن، جيڪڏهن ڪنهن کي ڪو وڏو عهدو يا منصب ملي

---

1... كنز العمال،كتاب الاخلاق ،باب التواضع،جز:3،جلد:2،صفحہ:50،حديث:5741۔
2... شعب الايمان،باب فى مقاربة ومواداة اهل الدين،جلد:6،صفحہ:433،حديث:8786۔
3... شعب الايمان، باب فى حسن الخلق،جلد:6،صفحہ:292،حديث:8201ملخصاً۔
4... تڪبر، صفحہ:92۔

وجي تہ ان کي وڏو تڪبر ٿيڻ لڳندو آھي. اھڙن ماڻھن کي انھن جي انجام مان عبرت حاصل ڪرڻ گھرجي جن جي ھلاڪت جو سبب سندن عھدو ۽ منصب بڻيو.

## فرعون ۽ نمرود جو انجام

ڏسو! فرعون کي عھدو مليو تہ ھو آڪڙجي ويو ۽ خدائيءَ جي دعويٰ ڪري وينو، 3 سئو سالن تائين عياشي ڪندو رھيو پر آخرڪار ان جو انجام اھو ٿيو جو ھو درياءِ نيل ۾ وڏي ذلت سان ٻڏي مري ويو. اھڙي طرح جڏھن نمرود کي عھدو مليو تہ ھو بہ خدا ھجڻ جي دعويٰ ڪري وينو، آخرڪار ھن کي ھڪ مڇر ذريعي ھلاڪ ڪيو ويو. (1)

## آخرت ڪنھن جي لاءِ آھي...!!

سيپاري 20، سوره قصص، آيت 83 ۾ اللّٰہ پاڪ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| تِلْكَ الدَّارُ الْاٰخِرَةُ نَجْعَلُهَا لِلَّذِیْنَ لَا یُرِیْدُوْنَ عُلُوًّا فِی الْاَرْضِ وَ لَا فَسَادًاؕ<br>(سيپارو: 20، سوره قصص: 83) | ترجمو ڪنزُ العرفان: اھو آخرت جو گھر اسان انھن ماڻھن جي لاءِ ٺاھيندا آھيون جيڪي زمين ۾ وڏائي ۽ فساد ناھن چاھيندا. |

يعني آخرت جو گھر جنت ان جي لاءِ آھي جيڪو دنيا ۾ غلبو ۽ وڏائي نٿو چاھي، نہ ئي گناھ ڪري زمين ۾ فساد پکيڙي ٿو. (2) مسلمانن جا چوٿان خليفا حضرت عليُ المرتضيٰ شيرِ خدا رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ فرمائن ٿا: جيڪو ٻانھو اھو چاھي تہ منھنجي جتيءَ جو تسمو (جوتن جي ڪَھي) ٻين جي تسمي کان افضل ھجي، اھو بہ ھن آيت جي حڪم ۾ داخل آھي. (3)

اللّٰہ اڪبر! جتيءَ جو تَسمو تہ پري جي ڳالھ آھي اسان وٽ تہ ھر ھر ڳالھ ۾ مقابلو ڪيو ويندو آھي، منھنجي جُتي اھڙي ھجي جو ماڻھو ڏسي واھ واھ ڪن، منھنجا ڪپڙا اعليٰ ھجن، منھنجي گھر جھڙو گھر ڪنھن جو نہ ھجي،

1... الحديقة الندية،المبحث الثانى من المباحث الخمسة...الخ،جلد:1، صفحہ:549ملتقطاً۔
2... حاشيہ صاوی علی تفسير الجلالين، پاره:20، سورۂ قصص، تحت الآية:83، جلد:2، صفحہ:304۔
3... تفسير در منثور، پاره:20، سورۂ قصص، تحت الآية:83، جلد:6، صفحہ:444۔

منهنجي گاڏي جهڙي گاڏي ڪنهن جي نہ هجي، مطلب تہ: هر شيءِ ۾ مقابلو (Competition)ڪيو ويندو آهي ۽ ان مقابلي جو مقصد ڇا هوندو آهي؟ حُبِّ جاه، شهرت، عزت تہ ماڻهو مون کي ڏسن، منهنجيون شيون ڏسن تہ واهہ واهہ ڪن.

اي عاشقانِ رسول! صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم اسان جا آئيڊيل (Ideal) آهن، اسان لاءِ بهترين نمونو آهن، انهن جا بہ پاڻ ۾ مقابلا ٿيندا هئا، اهي بہ هڪٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، پر ڪنهن معاملن ۾؟ ۞نفل روزن ۾ ۞راهِ خُدا ۾ خرچ ڪرڻ ۾ ۞ عبادتن ۾، جيئن تہ مسلمانن جا ٻيان خليفا حضرت عمر فاروق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ غزوهءِ تبوڪ ۾ گهر جو اڌ مال خيرات لاءِ کڻي آيا تہ مسلمانن جا پهريان خليفا حضرت ابوبڪر صديق رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ گهر جو سڄو سامان کڻي آيا. [1] ۞صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم ۾ پيءُ پٽ جي وچ ۾ جهاد ۾ شرڪت لاءِ بحث ٿيندو هو، هر ڪو چوندو هو تہ مان شرڪت ڪندس تون گهر ۾ رهہ، ايتري تائين جو معذور صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم بہ الله جي راهہ ۾ شهادت لاءِ بيقرار رهندا هئا. [2] غربت جي ڪري الله جي راهہ ۾ سفر نہ ڪري سگهڻ وارا روئيندا هئا. جيڪڏهن هڪ صحابي اڌ رات عبادت ڪندو هو تہ ٻيو سڄي رات، هڪ جيڪڏهن ٽيون حصو قرآن تلاوت ڪندو هو تہ ٻيو اڌ قرآن تلاوت ڪندو هو[3]

ڪاش! اسان دنيا جا نہ پر آخرت جا طلبگار بڻجي وڃون. دنيا ۾ جيڪڏهن عزت ملي بہ وئي، شهرت نصيب ٿي بہ وئي پر ان جي بدلي آخرت خراب ٿي وئي تہ ڪهڙو فائدو هتي سڀ فاني آهي، ڪجهہ ڏينهن جي راند آهي، افسوس! قيامت جو اهو هولناڪ ڏينهن...!! اڳيان پويان سڀ حاضر هوندا، قهر سامهون هوندو، ان وقت جيڪڏهن اعمالنامو کوليو ويو ۽ ان ۾ گناهن جي گهڻائي نڪتي تہ ان وقت جيڪا شرمندگي ٿيندي، ان شرمندگي ۽ ندامت جو ڇا ڪنداسين...!! افسوس! ان وقت ڪٿي منهن لڪائينداسين...!! ڪاش! اسان دنيا جي نہ بلڪ آخرت جي عزت چاهڻ وارا بڻجي وڃون.

---

1... شرح الزرقانی، کتاب المغازی، ثم غزوۃ تبوک ، جلد:4، صفحہ:69۔
2... مدارج النبوہ، صحابہ در جنگ احد، جز:2، صفحہ:124۔
3... تفسیر صراط الجنان، پارہ:2، سورۂ بقرۃ، تحت الآیۃ:148، جلد:1، صفحہ:237۔

## (3): نفساني خواهشن جي پيروي

پيارا اسلامي ڀائرو! ٽئين برائي آهي: نفساني خواهشن جي پيروي. اڄوڪي هن پرفتن دور ۾ نفساني خواهشن کي ضابطي ۾ رکڻ به تمام ضروري آهي، نه ته هيءَ وڏن وڏن کي تباهه و برباد ڪري ڇڏيندي آهي. تاريخ ۾ اهڙا ڪيترائي واقعا ملن ٿا ته جيڪي ماڻهو وڏا عبادت گذار مڃيا ويندا هئا، انهن سان نفساني خواهشن اهڙي راند ڪيڏي جو سندن نيڪ عمل برباد ٿي ويا ۽ اهي ڪٿان ڪان ڪٿي پهچي ويا.

### بدنصيب عابد

بني اسرائيل ۾ هڪ عابد (عبادت گذار) هو جنهن جون دعائون رد نه ٿينديون هيون، ماڻهو پنهنجن مريضن کي وٽس آڻيندا هئا، هو دعا ڪندو هو ته اهي صحتياب ٿي ويندا هئا. هڪ ڀيرو علاج لاءِ بادشاهه جي ڌيءَ کي وٽس ڇڏيو ويو، هو ان جو علاج ڪندو رهيو ايتري تائين جو شيطان ان جي دل ۾ برائي وڌي ۽ نه ڪرڻ جهڙو ڪم ٿي ويو. هن خوف جي ڪري ڇوڪريءَ کي قتل ڪري دفن ڪري ڇڏيو. شيطان انساني شڪل ۾ بادشاهه وٽ ويو ۽ کيس ان واقعي کان آگاهه ڪري قبر بابت به ٻڌائي ڇڏيو. جيئن ته بادشاهه زمين کوٽائي ته لاش برآمد ٿيو. هاڻي جڏهن سزا طور ان عابد کي ڦاهيءَ تي لٽڪايو وڃڻ لڳو ته شيطان وٽس آيو ۽ چوڻ لڳو: مان توکي ان کان نجات ڏياري سگهان ٿو پر شرط اها آهي ته تون مونکي سجدو ڪر. عابد شيطان کي سجدو ڪيو ته شيطان زور سان کِلي ڏنو ۽ چيائين: منهنجو توسان ڪو واسطو ناهي. پوءِ ان بدنصيب عابد کي ڦاهيءَ تي لٽڪايو ويو.[(1)]

غور ڪريو! نفساني خواهش کي قابو ۾ نه رکڻ جي ڪري بدنصيب عابد پنهنجي دنيا ۽ آخرت برباد ڪري وينو. بدقسمتيءَ سان اڄڪلهه حالات ايترا خراب ٿي ويا آهن جو جيڪڏهن ڪو هن دور ۾ گناهه کان بچيل آهي ته شايد ان ڪري جو کيس گناهه ڪرڻ جو موقعو ناهي مليو، يا هو ان ڳالهه کان ڊڄي ٿو ته ڪٿي بي عزتي نه ٿي وڃي، نه ته جيڪڏهن بلڪل کُلي اجازت ملي

---

1... تنبیہ الغافلین، باب عداوۃ الشیطان و معرفۃ مکایدہ، صفحہ:326 ملخصًا۔

وجي تہ شايد ئي ڪو گناھ ڪان رڪجي سگهي. جنهن طريقي سان اڄڪلھ گهٽين ۽ رستن تي سرِ عام ناچ گانن جا پروگرام (***Functions***) ٿي رهيا آهن، ائين ٿو لڳي ڄڻ گناهن جي کُلي موڪل ملي چڪي آهي. ڪارن ۾ سفر ڪرڻ وارا گانا ڏاڍي مستيءَ ۾ جهومي رهيا هوندا آهن ۽ اسڪوٽر يا سائيڪل هلائيندڙ گانن جو آواز ڏاڍي پنهنجا مٿا لوڏڻ شروع ڪري ڏيندا آهن. اهڙو نازڪ دور اچي ويو آهي جو ڇوڪرا ۽ ڇوڪريون گڏجي نچندا آهن ۽ نچڻ گانن جا اهڙا اهڙا پروگرام منعقد ڪيا ويندا آهن جن ۾ جيڪو ڪجھ ٿيندو آهي ان کي لفظن ۾ بيان ڪرڻ مناسب ناهي. الله پاڪ اسان جي حال تي رحم فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم.

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِيب! صَلَّی اللّٰهُ عَلٰی مُحَمَّد

## (4): حرص ۽ لالچ

پيارا اسلامي ڀائرو! چوٿين بري بيماري دنيا جي محبت ۽ حرص و لالچ آهي. الله پاڪ قرآن ڪريم ۾ فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَمَنْ يُّوْقَ شُحَّ نَفْسِهٖ فَاُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ ﴿۹﴾ (سيپارو: 28، سوره حشر: 9) | ترجموڪنزُ العرفان: جيڪو پنهنجي نفس جي لالچ کان بچايو ويو اهي ئي ماڻهو ڪامياب آهن. |

شُحّ جي معنيٰ هيءَ آهي تہ ٻانهو مال جي محبت ۾ ايترو اڳتي نڪري وڃي جو هاڻي ڪيس حلال ۽ حرام جي تميز بہ نہ رهي، يعني ان درجي تي اچي مال جي محبت حرص جي بجاءِ هوس ۾ بدلجي ويندي آهي. هاڻي ٻانهو چاهيندو آهي تہ بس مال اچي، ان لاءِ وياجي ڏي وٺ ۾ بہ پوندو آهي، رشوت بہ ڪائيندو آهي، ماپ تور ۾ بہ ٺڳي ڪندو آهي، ٻين کي دوکو بہ ڏيندو آهي، مطلب تہ: ڪيس بس مال گهرجي، حرام ذريعي اچي رهيو آهي يا حلال ذريعي، ان جي ڪيس ڪا پرواھ ناهي رهندي. دل ۾ مال جي محبت ايتري وڌي وڃي تہ ان کي شُحّ چيو ويندو آهي. (1)

---

1... مجموع رسائل ابن رجب حنبلی، جلد:1، صفحہ:69بتغير قليل۔

## شحّ کان بچو! جنهن پهرين وارن کي هلاڪ ڪري ڇڏيو

صحابي ابنِ صحابي حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُمَا کان روايت آهي تہ الله پاڪ جي آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: شُحّ (يعني مال جي تمام گهڻي محبت) کانَ بچو! بيشڪ توهان کان اڳين کي هن هلاڪ ڪري ڇڏيو. ۞ شُحّ کين رشتا ٽوڙڻ تي اپاريو تہ انهن رشتا ٽوڙيا ۞ ان کين ڪنجوسي تي اپاريو تہ انهن ڪنجوسي ڪئي ۞ مال جي گهڻي محبت کين گناهن تي اپاريو تہ اهي گناهن جي ڌُبڻ ۾ وڃي ڪِريا.[1] مسلم شريف جي روايت ۾ آهي: شُحّ (يعني مال جي گهڻي محبت) توهان کان اڳين کي قتل تي اپاريو تہ انهن قتل ڪيا ۽ حرام کي حلال سمجهڻ لڳا.[2]

## مال گڏ ڪندڙ ۽ ڳڻي رکندڙ جي مذمت

سيپاري 30، سوره همزه، آيت 2 کان 9 ۾ الله پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

الَّذِیْ جَمَعَ مَالًا وَّ عَدَّدَهٗۙ(۲) یَحْسَبُ اَنَّ مَالَهٗۤ اَخْلَدَهٗۚ(۳) كَلَّا لَیُنْۢبَذَنَّ فِی الْحُطَمَةِ٘ۖ(۴) وَ مَاۤ اَدْرٰىكَ مَا الْحُطَمَةُؕ(۵) نَارُ اللّٰهِ الْمُوْقَدَةُۙ(۶) الَّتِیْ تَطَّلِعُ عَلَى الْاَفْـٕدَةِؕ(۷) اِنَّهَا عَلَیْهِمْ مُّؤْصَدَةٌۙ(۸) فِیْ عَمَدٍ مُّمَدَّدَةٍ۠(۹)

(سيپارو: 30، سوره هُمَزه: 2، 9)

ترجمو ڪنزُ العرفان: جنهن مال گڏ ڪيو ۽ ان کي ڳڻي ڳڻي رکيو اهو سمجهي ٿو تہ ان جو مال ان کي (دنيا ۾) هميشہ رکندو هرگز نہ، اهو ضرور ضرور ذرو ذرو ڪرڻ واري ۾ اڇليو ويندو ۽ توکي ڪهڙي خبر جو اها ذرو ذرو ڪرڻ واري ڇا آهي؟ اها الله جي ڀڙڪايل باهہ آهي اها جيڪا دلين تي چڙهي ويندي بيشڪ اها انهن تي بند ڪئي ويندي ڊگهن ڊگهن ٿنڀن سان

انهن آيتن جي تحت تفسير صراطُ الجنان ۾ جيڪا وضاحت ڪئي وئي آهي، ان جو خلاصو ڪجهہ هن ريت آهي تہ اهو شخص جيڪو حرام ذريعن سان مال گڏ ڪندو آهي، پنهنجي مال مان شرعي حق ادا ناهي ڪندو، مال گڏ ڪرڻ ۾ اهڙو مشغول هوندو آهي جو آخرت کي ئي وساري ڇڏيندو آهي، اهڙو شخص

---

1... مسند احمد ، جلد:3، صفحہ:528، حديث:6643ملتقطاً۔

2... مسلم، كتاب البر والصلة، صفحہ:1000، حديث:2578۔

ڇا اهو سمجهندو آهي تہ ڪيس دنيا ۾ هميشہ رهڻو آهي؟ ڇا ان جو مال ڪيس موت کان بچائي وٺندو تہ ان جي پروسي تي هو مال جي محبت ۾ مست رهندو آهي ۽ نيڪ عملن ڏانهن مائل ناهي ٿيندو.؟ نہ... ائين هرگز نہ ٿيندو، بلڪ هو ضرور جهنم جي ذرا ذرا ڪندڙ طبقي ۾ اڇلايو ويندو، جتي باھ ان جون هڏيون پَيجي پورا ڪري ڇڏيندي. ۽ توکي ڇا خبر تہ اها ذرا ذرا ڪندڙ ڇا آهي؟ اها الله پاڪ جي ٻاريل باھ آهي جيڪا ڪڏهن ٿڌي ناهي ٿيندي، اها باھ جسم جي ظاهري حصي کي بہ ساڙيندي ۽ جسم جي اندر پهچي دل کي بہ ساڙي ڇڏيندي. بيشڪ مال جي اهڙن حريصن کي باھ ۾ وجهي دروازا بند ڪيا ويندا. (1)

اَلْاَمَانُ وَالْحَفِيْظ ! اَلْاَمَانُ وَالْحَفِيْظ...!!

بھائیو!ہر دَم بچو تم حُبِّ جاہ و مال سے
ہر گھڑی چوکس رہو شیطان کی اِس چال سے
مالداروں کی خوشامد میں ہلاکت ہے بڑی
تُو گناہوں میں پڑے گا آئے گی شامت تِری
کان دَھر کے سُن! نہ بنا تُو حَرِیصِ مال و زَر!
کر قناعت اِختیار اے بھائی تھوڑے رِزق پر (2)

## مال کي اڳتي موڪلي ڇڏيو!!...

حديثِ پاڪ ۾ آهي تہ هڪ ڀيرو هڪ شخص بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مون کي ڇا ٿي ويو آهي جو مان موت کي پسند نہ ٿو ڪريان (يعني منهنجي دل دنيا ڏانهن مائل آهي، مان پنهنجي دل ۾ آخرت ڏانهن چاهت گهٽ لهان ٿو ۽ موت جيڪو جنت تائين پهچڻ جو رستو آهي، اهو موت مون کي پسند ناهي). سرڪارِ عالي وقار، مڪي مدني تاجدار صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ڇا تو وٽ مال آهي؟ عرض ڪيائين: جي ها! فرمايائون: پنهنجو مال (آخرت لاءِ صدقو ۽ خيرات ڪري) اڳتي موڪلي ڇڏ! ڇو تہ ماڻهوءَ جي دل پنهنجي مال سان هوندي آهي، جيڪڏهن هو پنهنجي مال کي اڳتي موڪلي ڇڏي (يعني صدقو ۽ خيرات ڪري ڇڏي) تہ ان سان ملڻ چاهيندو آهي ۽ جيڪڏهن مال کي پويان ڇڏي ڏئي تہ ان سان گڏ پويان ئي رهڻ چاهيندو آهي. (3)

1... تفسير صراط الجنان، پاره:30، سورۂ همزه، زيرِ آيت:2-9، جلد:10، صفحہ:825۔

2...وسائل بخشش، صفحہ:698۔

3... الزہد لابن المبارک، جز:5، صفحہ:224، حديث:634۔

ہمارے دل سے نکل جائے اُلفتِ دنیا | دے دل میں عشقِ مُحَمَّد مرے رَچا یاربّ![1]

معلوم ٿيو: صدقو ڪري مال آخرت لاءِ ذخيرو ڪري ڇڏڻ جي برڪت سان دل مان دنيا جي محبت ختم ٿيندي ۽ الله ۽ رسول جي محبت نصيب ٿيندي آهي، تنهنڪري صدقو ۽ خيرات ڪرڻ جي عادت بڻايو!

## صدقي جا فضائل

پيارا اسلامي ڀائرو! صدقو ڏيڻ جا وڏا فضائل آهن. مبارڪ حديثن مطابق: ❁صدقو جهنم جي باهه کان بچائيندو آهي ❁صدقو باهه جي وچ ۾ پردو بڻجي ويندو آهي.[2] صدقو الله پاڪ جي غضب کي وسائيندو ۽ بري موت کي دور ڪندو آهي.[3] صدقو ڪرڻ وارو قيامت جي ڏينهن پنهنجي صدقي جي ڇانوَ ۾ هوندو.[4] ❁صدقو برائيءَ جا 70 دروازا بند ڪندو آهي.[5] ❁ صدقو قبر جي گرميءَ کان بچائيندو آهي.[6] ❁ مسلمان جو صدقو ان جي عمر کي وڌائيندو آهي.[7] ❁ صدقو 70 قسمن جي بلائن کي روڪيندو آهي.[8] ❁ فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آهي: صدقو ڏيڻ ۾ جلدي ڪريو ڇو تہ بلا صدقي کان اڳتي ناهي وڌندي.[9]

## عطيات جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! توهان جي پنهنجي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي هن وقت 80 کان وڌيڪ شعبن ۾ دين جي خدمت ڪرڻ ۾ مصروف آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه!

1... وسائل بخشش، صفحہ:82۔
2... معجم کبیر، جلد:10، صفحہ:409، حدیث:20584۔
3... ترمذی، کتاب الزکاۃ، صفحہ:189، حدیث:664۔
4... سُنَن کُبْرٰی لِلْبَیْہقِیْ، کتاب الزکاۃ، باب تحریض علی ...الخ، جلد:4، صفحہ:479، حدیث:7751۔
5... معجم کبیر، جلد:3، صفحہ:148، حدیث:4276۔
6... شعب الایمان، باب الزکاۃ، جلد:3، صفحہ:212، حدیث:3347 خلاصۃً۔
7... معجم کبیر، جلد:6، صفحہ:440، حدیث:13508۔
8... تاریخِ بغداد، رقم:4326، حارث بن النعمان...الخ، جلد:8، صفحہ:204۔
9... مشکاۃ المصابیح، کتاب الزکاۃ، باب انفاق ...الخ، جزء:1، جلد:1، صفحہ:359، حدیث:1887۔

”ڪنزُ المدارس بورڊ (Kanzul Madaris Board) “جي نالي سان دعوتِ اسلامي جو پنهنجو تعليمي بورڊ آهي. هزارين جامعات ۽ مدارسُ المدينہ (بوائز اينڊ گرلز) قائم آهن، جن ۾ حفظ و ناظره، عالم ڪورس (درسِ نظامي)، مختلف تَخَصُّصات (Specialization) ۽ فرائضِ علوم جا ڪورسز ڪرايا ويندا آهن. جامعات ۽ مدارسُ المدينہ (بوائز ۽ گرلز) ۾ شاگردن جو تعداد لکن ۾ آهي. وڏي عمر جي اسلامي ڀائرن ۽ ڀينرن کي قرآنِ ڪريم جي تعليم ڏيڻ لاءِ هزارين مدارسُ المدينہ بالغان و بالغات لڳايا ويا وڃن، جن ۾ پڙهڻ وارن جو تعداد بہ لکن ۾ آهي. فيضان آن لائن اڪيڊمي (***Faizan Online Academy***) جي ذريعي ديني تعليم ڏني پئي وڃي. ديني ۽ شرعي رهنمائيءَ لاءِ دارُ الافتاء اهلسنت قائم ڪيا ويا آهن. المدينةُ العلميه (اسلامڪ ريسرچ سينٽر) جي ذريعي ديني لٽريچر (***literature***) تي تحقيقي ڪم ڪيو پيو وڃي. ديني لٽريچر جي اشاعت لاءِ اشاعتي ادارو مڪتبةُ المدينہ قائم ڪيو ويو آهي. سڄي دنيا ۾ ديني ڪمن جي ڌوم مچائڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جو مڪمل تنظيمي سسٽم آهي، ذيلي حلقي کان وٺي مرڪزي مجلسِ شوریٰ تائين هڪ پورو نظام قائم آهي. شهر شهر، ڳوٺ ڳوٺ ذميداران موجود آهن. عاشقانِ رسول جي تربيت ڪري کين ديني ڪمن لاءِ ملڪ ۽ بيرونِ ملڪ موڪليو ويندو آهي، کين باقاعده پگهارون ڏنيون وينديون آهن جيئن تہ اهي فارغُ البال (يعني ڪمائڻ کان آجو) ٿي ڪري دين جي خدمت ڪندا آهن. ميڊيا جي مختلف پليٽ فارمز تي بہ خدمتِ دين جو سلسلو جاري آهي. ❁پرنٽ ميڊيا (۾ ڪيترن ئي ڪتابن ۽ رسالن سان گڏو گڏ ماهوار فيضانِ مدينہ جي اشاعت جو سلسلو جاري آهي جيڪو هن وقت دنيا جي 7 وڏين ٻولين ۾ شايع ٿيندڙ ڪثيرُ الاشاعت ماهوار آهي) ❁سوشل ميڊيا (جهڙوڪ، يوٽيوب(***Youtube***) ، فيس بڪ (***Facebook***)، انسٽاگرام (***Instagram***) وغيره) تي مجموعي طور تي لڳ ڀڳ 7 ڪروڙ فالوورز (***Followers***) آهن جڏهن تہ ويوز جو تعداد بلينز (***Billions***) ۾ آهي. ❁ان ڪانسواءِ مدني چينل اردو، انگلش، بنگلہ، ڪڊز مدني چينل، بزرگن جو

مدني چينل ۽ عربي ويب چينل جي ذريعي دينِ اسلام جي خدمت ڪئي پئي وڃي.

توهان بہ خدمتِ دين جي هن ڪم ۾ پنهنجو حصو شامل ڪريو! پنهنجا عطيات دعوتِ اسلامي کي ڏيو. توهان جي چندي يعني ڊونيشن کي ڪنهن بہ جائز، ديني، اصلاحي، فلاحي، روحاني، خيرخواهي، ڀلائي ۽ آمدني وڌائڻ جي جائز ۽ محفوظ ڪمن ۾ لڳائي سگهجي ٿو تہ جيئن وڌندڙ خرچن کي پورو ڪري سگهجي.

دعوتِ اسلامی کی قَیُّوم، سارے جہاں میں مچ جائے دُھوم

اس پہ فِدا ہو بچہ بچہ یااللّٰہ! مری جھولی بھر دے

## شعبان جي روزن جي فضيلت

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! شعبان شريف جاري آهي. هي مهينو وڏين برڪتن ۽ عظمتن وارو آهي. پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هن مهيني ۾ ڪثرت سان نفل روزا رکندا هئا. مسلمانن جي پياري امڙ حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللهُ عَنْهَا فرمائن ٿيون: پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي مون شعبان شريف کان وڌيڪ ڪنهن مهيني ۾ روزا رکندي نہ ڏٺو، پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪجهہ ڏينهن ڪانسواءِ پوري مهيني جا روزا رکندا هئا. [(1)] (4): هڪ ڀيرو پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ سوال ٿيو: رمضان کانپوءِ ڪهڙا روزا افضل آهن؟ فرمايائون: رمضان جي تعظيم لاءِ شعبان جا روزا رکڻ. [(2)]

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي ديني ماحول ۾ شعبان شريف جي روزن جي بهار آهي، مختلف هنڌن تي سحري اجتماعن جو پڻ اهتمام ڪيو پيو وڃي. مَاشَآءَ الله! ڪيئي عاشقانِ

---

1... ترمذی، کتاب الصوم، باب ماجاء فی وصال شعبان برمضان، صفحہ:206، حدیث:736۔

2... ترمذی، کتاب: زکوٰۃ، باب: فضیلتِ صدقہ، صفحہ:189، حدیث:663۔

رسول روزا رکڻ جي سعادت حاصل ڪري رهيا آهن، توهان بہ نفل روزن جي تحريڪ ۾ شامل ٿي وڃو، اِن شَاءَ الله شعبان جون خوب برڪتون نصيب ٿينديون الله پاڪ عمل جي توفيق نصيب فرمائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم۔

## اعتڪاف جي ترغيب

اَلْحَمْدُلِلّٰه! رمضان جو مهينو بہ اچڻ وارو آهي. رمضان ڪريم نهايت ئي برڪتن وارو مهينو، ماهِ رحمٰن، ماهِ نزولِ قرآن ۽ بخشش جو مهينو آهي.

| | |
|---|---|
| عَجِّلْ عَجِّلْ يَارمضان | جان مِری تجھ پہ قربان |
| آ بھی جا ماهِ سُبحٰن | جلدی جلدی آ رمضان |
| جب بھی آتا ہے رمضان | جان میں آجاتی ہے جان |
| خوب ہے رمضاں کی بھی شان | اِس میں اُترا ہے قرآن |
| مجھ کو مدینے میں رمضان | کاش! میسر ہو رحمٰن |
| آجا آ بھی جا رمضان | تجھ پہ فِدا عطّاؔر کی جان |

الله پاڪ اسان کي ماهِ رمضان ڏسڻ، ان ۾ روزا رکڻ ۽ خوب عبادت ڪرڻ نصيب فرمائي. ماهِ رمضان جي هڪ اهم عبادت اعتڪاف بہ آهي. نفل اعتڪاف تہ ڪنهن بہ وقت ڪري سگهجي ٿو پر جيڪو اعتڪاف سنتِ مؤڪده آهي، اهو رمضان شريف ۾ ئي ٿيندو آهي. پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کان پوري رمضان مهيني جو اعتڪاف ڪرڻ بہ ثابت آهي جڏهن تہ آخري عشري جو اعتڪاف تہ اسان جي آقا، تاجدارِ انبياء صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم کي تمام گهڻو پسند هو. پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم آخري عشري جي اعتڪاف جو تمام گهڻو اهتمام فرمائيندا هئا. ايتر قدر جو هڪ ڀيري ڪنهن سبب رمضان شريف ۾ اعتڪاف نہ ٿي سگهيو تہ پاڻ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم شوال ۾ اعتڪاف فرمايو. (1)

1… بخاری،کتاب الاعتکاف،باب الا عتکاف فی الشوال، صفحہ:533،حدیث:2041۔

## اعتكاف جا فضائل

❁مسلمانن جي پياري ماءُ حضرت عائشہ صديقہ رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہَا کان روايت آهي تہ پياري آقا، مکي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن ارشاد فرمايو: مَنۡ اِعۡتَکَفَ اِیۡمَانًا وَّاِحۡتِسَابًا غُفِرَ لَہٗ مَا تَقَدَّمَ مِنۡ ذَنۡبِہٖ يعني جنهن ايمان سان ۽ ثواب حاصل ڪرڻ جي نيت سان اعتڪاف ڪيو ان جا پويان گناهہ بخشيا ويندا. [1] ❁ هڪ بي روايت ۾ آهي: جنهن رمضان شريف ۾ 10 ڏينهن جو اعتڪاف ڪيو، اهو ائين آهي جيئن 2 حج ۽ 2 عمرا ڪيائين. [2]

## اجتماعي سنت اعتڪاف جي ترغيب

پيارا اسلامي ڀائرو! اَلۡحَمۡدُلِلّٰہ! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دنيا ڀر ۾ نيڪي جي دعوت عام ڪرڻ ۾ مصروف آهي، رمضان جو فيضان ماڻڻ، گناهن کان بچڻ ۽ نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوت اسلامي جي ديني ماحول سان وابستہ ٿي وڃو. اَلۡحَمۡدُلِلّٰہ! دعوتِ اسلامي جي تحت سڄي دنيا ۾ هزارين هنڌن تي آخري عشري جو اجتماعي سنت اعتڪاف ڪرايو ويندو آهي. اوهان بہ ڪوشش فرمايو!، ان سان گڏوگڏ پوري مهيني جو اعتڪاف بہ ٿيندو آهي، هن پيري پاڪستان ۾ 29 هنڌن تي جڏهن تہ سڄي دنيا ۾ 130 هنڌن تي پوري مهيني جو اعتڪاف ٿي رهيو آهي. توهان بہ پوري مهيني جي اعتڪاف جي سعادت حاصل ڪريو، خاص ڪري عالمي مدني مرڪز فيضانِ مدينہ (ڪراچي) ۾ اعتڪاف ڪريو جتي اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتۡ بَرَکَاتُہُمُ الۡعَالِیَہ وقت جي هڪ ڪامل ولي سان اعتڪاف جي سعادت ملندي تہ ان جون برڪتون ئي الڳ هونديون. اِنۡ شَآءَ اللّٰہُ الۡکَرِیۡم! رمضان شريف ۾ گناهن کان بچڻ، نيڪيون ڪرڻ، نفلي عبادتن جو شوق وڌڻ سان گڏوگڏ ڪوڙ سارو علمِ دين بہ سکڻ جي لاءِ ملندو.

## دعوتِ اسلامي جي هڪ شعبي جو تعارف: شعبو ڪفن دفن

1... جَامِع صغير، صفحہ:516، حديث:8480۔
2... جَامِع صغير، صفحہ:516، حديث:8479۔

پيارا اسلامي ڀائرو! هن وقت مسلمانن جي حالت تمام عجيب و غريب آهي، علمِ دين کان محروميءَ سبب اها حالت ٿي وئي آهي جو ڪنهن گهر ۾ ميت ٿي وڃي گهروارا هجن يا ٻاهريان ڪير بہ ميت کي غسل ڏيڻ لاءِ تيار ناهي هوندو، حالانڪ ان جي وڏي فضيلت آهي. حديثِ پاڪ ۾ اچي ٿو: جيڪو ڪنهن ميت کي وهنجاري، ڪفن پهرائي، خوشبو لڳائي، جنازو کڻي، نماز پڙهي ۽ جيڪو جسماني عيب نظر اچي ان کي لڪائي، اهو گناهن کان ائين پاڪ ٿي ويندو آهي جيئن پيدائش واري ڏينهن هو. (1)

اهڙي موقعي تي غسل جي لاءِ گهرايا ويندڙ ماڻهو بہ عام طور تي سنتن ۽ آدابن کان ناواقف هوندا آهن، جيڪي نهايت ئي بي دردي سان ميت کي غسل ڏئي هليا ويندا آهن. آخري نبي، مڪي مدني صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڏکويل امت جي خيرخواهي ڪندي، دعوتِ اسلامي هڪ شعبو ڪفن دفن قائم ڪيو آهي.

هن شعبي جي ذريعي مسلمانن کي ڪيئي طرح جي في سبيل الله خير خواهي ڪئي ويندي آهي. جهڙوڪ: ❁ ميت کي سنت مطابق غسل ڏيڻ ❁ ڪفن پهرائڻ ❁ نمازِ جنازه پڙهڻ، پڙهائڻ ❁ دفن ڪرڻ ❁ ۽ ايصالِ ثواب جا اجتماع ڪرڻ ❁ ۽ اسلامي ڀينرن ۽ ڀائرن کي ڪفن دفن جو طريقو سيکاريو ويندو آهي.

تمام اسلامي ڀائرن کي گزارش آهي تہ اوهان بہ هن شعبي جي ذريعي مسلمانن جي خيرخواهي ڪرڻ جو حصو بڻجو ۽ ان سان گڏوگڏ دعوتِ اسلامي جي 12 ديني ڪمن ۾ بہ خوب حصو وٺو الله پاڪ اسان کي دين جو ڪم ڪرڻ ۽ مسلمانن جي خير خواهي ڪرڻ وارو بڻائي.

اٰمِيْن بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم۔

## (غسلِ ميت ۽ ڪفن دفن) ايپلي ڪيشن Muslim's Funeral

اي عاشقانِ رسول! اڄوڪو دور ٽيڪنالوجي جو دور آهي. اَلْحَمْدُلِلّٰه! عاشقانِ رسول جي ديني تنظيم دعوتِ اسلامي جي I.T ڊپارٽمينٽ طرفان مختلف

1... ابن ماجه ، كتاب الجنائز ،باب ماجاء فى غسل الميت، صفحه:237حديث:1462۔

موبائل ايپليڪيشنز جاري ڪيون ويون آهن، جنهن ۾ هڪ ايپليڪيشن آهي: ***Muslim's Funeral***، هن موبائل ايپلي ڪيشن ۾ ❁ ميت جي غسل ۽ ڪفن ۽ دفن وغيره جي باري ۾ مڪمل معلومات ڏني وئي آهي ❁ هڪ خاص ڳالهه هيءَ آهي تہ ميت کي غسل ڪيئن ڏيٹو آهي؟ ❁ ڪفن ڪيئن پهرائڻو آهي؟ ان جي عملي طريقي جي لاءِ ***Animated Videos*** بہ شامل آهن. ❁ ان ۾ هڪ نهايت ئي اهم فيچر هي بہ آهي تہ ان ۾ اوهان کي پنهنجي ملڪ ۽ شهر جي وڏن ذميدارن جا نمبر بہ ملي ويندا جن سان رابطو ڪري توهان ڪفن دفن جون في سبيل الله خدمتون حاصل ڪري سگهو ٿا.

اوهان بہ هي موبائل ايپليڪيشن پنهنجي موبائل ۾ انسٽال ڪيو ۽ ٻين کي بہ هن جي ترغيب ڏياريو.

صَلُّوْاعَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪجهہ ضروري اعلان

هر هفتي اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي (Live) هفتيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي پڻ مدني چينل تي عشاء جي نماز کان پوءِ رات 8 لڳي 30 منٽن تي اِنْ شَآءَاللهُ الْكَرِيم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو جنهن ۾ اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جوابَ پڻ عنايت فرمائيندا. تمام ذميدار ۽ عاشقانِ رسول هن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائين ۽ ٻين کي بہ ان جيِ دعوت ڏين. شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت هر هفتي هڪ ديني رسالو پڙهڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آهن. ايندڙ هفتي جي مدني مذاڪري ۾ **راهِ خدا** ۾ **پياري شيءِ ڏيڻ** رسالي جو اعلان ڪيو ويندو. هي رسالو پاڻ بہ پڙهو، ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ جيڪي سوشل ميڊيا مثلاً واٽس ايپ وغيره استعمال ڪن ٿا، رضاءِ الهي ۽ ثواب حاصل ڪرڻ لاءِ هي رسالو ٻين ڏانهن بہ شيئر (Share) ڪيو! رمضان ڪريم جنهن ۾ مسلمان روزا رکي الله پاڪ جي حڪم جي تعميل ڪندا ۽ الله پاڪ جي رضا حاصل ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا آهن. اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي ڪتاب **فيضانِ**

**رمضان** ۾ هن مهيني جي فضيلتن، عملن ۽ روزي جي مسئلن کي نهايت ئي آسان انداز ۾ تحرير فرمايو آهي. هي ڪتاب هر فرد جي ضرورت آهي. توهان هي ڪتاب مڪتبةُ المدينہ جي ڪنهن بہ شاخ تان 1000 روپين ۾ حاصل ڪري سگهو ٿا يا دعوتِ اسلامي جي ويب سائيٽ www.dawateislami.net تان مفت ڊائون لوڊ ڪريو ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏياريو رمضان ڪريم جي خوشي ۾ گهرن کي سجائڻ لاءِ مختلف قسمن جون لڙيون ۽ دلڪش ڊيزائن جا پينافليڪس مڪتبةُ المدينہ تان قيمتاً حاصل ڪريو، پينافليڪس آرڊر تي بہ تيار ڪرايا ويندا.

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بَيان کي اِختِتام ڏانهن آڻيندي سُنّت جي فضيلت، ڪجهه سُنّتون ۽ آداب بَيان ڪرڻ جي سَعادَت حاصِل ڪيان ٿو- تاجدارِرسالت، شَهنشاهِ نُبُوت صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِی فَقَدْ اَحَبَّنِی وَمَنْ اَحَبَّنِی کَانَ مَعِیَ فِی الْجَنَّةِ جنهن منهنجي سُنّت سان مَحَبَّت ڪئي ان مون سان مَحَبَّت ڪئي ۽ جنهن مون سان مَحَبَّت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو. (1)

صَلُّوْاعَلَی الْحَبِیب! صَلَّی اللّٰہُ عَلٰی مُحَمَّد

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

## پاڻي پيئڻ جون سنتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم: اٺ وانگر هڪ ئي ساهه ۾ نہ پيو پر ٻہ يا ٽي ڀيرا (ساهه ڪٽي) پيو ۽ پيئڻ کان اڳ بسم اللہ پڙهو ۽ پيئڻ کانپوءِ الحمد للہ چوندا ڪريو!. (2)

---

1... تاريخ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

2... ترمذي، ڪتاب الاشربة، صفحہ:464، حديث:1885۔

اي عاشقانِ رسول! پاڻي هجي يا ٻي ڪا پيئڻ جي شيءِ ❁ پيئڻ کان پهريان بِسۡمِ الله پڙهي وٺو ❁ چُوسي ننڍا ننڍا ڍُڪ ڀري پيئو، وڏا وڏا ڍُڪ ڀرڻ سان جگر جي بيماري پيدا ٿيندي آهي❁پاڻي ٽن ساهن ۾ پيئو❁ويهي ڪري ۽ ساڄي هٿ سان پيئو❁لوٽي وغيره سان وضو ڪيو هجي ته ان جو بچيل پاڻي پيئڻ 70 بيمارين کان شفا آهي، ڇو ته اهو آبِ زم زم شريف جي مشابهت رکي ٿو: انهن ٻنهي (يعني وضو جو بچيل پاڻي ۽ زم زم شريف) کان علاوه کھڙو به پاڻي ويهي پيئڻ مڪروهه آهي، هي ٻئي پاڻي قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي پيئو❁پيئڻ کان پهريان ڏسي وٺو ته پيئڻ جي شيءِ ۾ ڪا نقصانڪار شيءِ ته ناهي❁پيئڻ کان فارغ ٿيڻ بعد اَلۡحَمۡدُلِلّٰه چئو❁ امام غزالي رَحۡمَةُ اللّٰهِ عَلَيۡه فرمائن ٿا: بِسۡمِ الله پڙهي پيئڻ شروع ڪري، پهرين ساهه جي آخر ۾ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه، ٻئي کان پوءِ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعَالَمِيۡن ۽ ٽئين ساهه کان پوءِ اَلۡحَمۡدُ لِلّٰهِ رَبِّ الۡعَالَمِيۡنَ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡم پڙهي. هي هڪ سنو عمل آهي، جيڪڏهن نه به ڪيو ته ڪو حرج ناهي، صرف شروع ۾ بِسۡمِ الله ۽ آخر ۾ اَلۡحَمۡدُلِلّٰه چوڻ سان به سنت ادا ٿي ويندي❁گلاس ۾ بچيل مسلمان جي صاف ستري اوبر کي، استعمال جي لائق هئڻ باوجود اجايو نه اڇلائڻ گھرجي❁منقول آهي: سُؤۡرُ الۡمُؤۡمِنِ شِفَاءٌ يعني مسلمان جي اوبر ۾ شفا آهي❁پاڻي پيئڻ جي ڪجھه گھڙين کان پوءِ خالي گلاس کي ڏسندؤ ته ان جي ڪنارن تان وهي ڪري ڪجھه ڦڙا تَري ۾ گڏ ٿي چڪا هوندا، انهن کي به پي وٺو. (1)

مختلف سنتون ۽ آداب سکڻ جي لاءِ مڪتبة المدينه جو ڪتاب **"بهارِ شريعت "جلد**: 3، حصو: 16 ۽ اميرِ اهلسنت مولانا محمد الياس قادري دَامَتۡ بَرَكَاتُهُمُ الۡعَالِيَه **جو** 91 صفحن جو رسالو 550 **"سنتون ۽ آداب "** خريد ڪريو ۽

---

1... 550 سنتيں اور آداب، صفحه:16۔

پڙهو! سنتون سکڻ جو هڪ ذريعو دعوتِ اسلامي جي قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان گڏ سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

مجھ کو جذبہ دے سفر کرتا رہوں پَروَردگار | سُنّتوں کی تربیت کے قافِلے میں بار بار[1]

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِین بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم۔

## دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

### ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰھُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِیِّ الْاُمِّیِّ الْحَبِیْبِ الْعَالِی الْقَدْرِ الْعَظِیْمِ الْجَاهِ وَعَلٰی اٰلِہٖ وَصَحْبِہٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہصَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمجي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہصَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[2]

### ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰی اٰلِہٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

1... وسائل بخشش، صفحہ:635۔
2... افضل الصلوات علی سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا

جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تو ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [1]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن. [2]

## ﴿4﴾ ڇهہ لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِيْ عِلْمِ اللّٰهِ صَلَاةً دَآئِمَةً بِدَوَامِ مُلْكِ اللّٰهِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهہ لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي. [3]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطفٰي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو

1... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65
2... القول البديع، الباب الثانی، ص277
3... افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الثانية والخمسون، ص149

آهي تہ هيئن پڙهندو آهي. [1]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّاَنْزِلْهُ الْمَقْعَدَ الْمُقَرَّبَ عِنْدَكَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

شافعِ امم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي. [2]

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللهُ عَنْهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءَ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن. [3]

## ﴿2﴾ جڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ، سُبْحٰنَ اللهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، الله عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو جڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو. [4]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... القول البديع، الباب الاول، ص1125
2... الترغيب والترهيب، ج 2، ص 329، حديث 31
3... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305
4... ابنِ عساكر ج 19، ص 155، حديث 4455